REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڈيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) سومر 18 مارچ 2024ع بمطابق 07 رمضان المبارک 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 293

سوشل ميڊيا تي شهيدن جي توهين واري مهم پٽيان تحريڪ انصاف آهي: عطا تارڙ

ڏينهن اتر وزيرستان ۾ دهشتگردي جو واقعو پيش آيو جنهن ۾ پاڪ فوج جا جوان ۽ آفيسر شهيد ٿيا پر هڪ سياسي پارٽي شهيدن جي قربانين بابت سوشل ميڊيا تي توهين جو ڪيو مهر هلائڻ مذمت جوڳي آهي

هڪ سياسي پارٽي اڄ به شهيدن جي خلاف توهين جو ڪوروبار ڪري چڪي آهي پي ٽي آءِ جي سوشل ميڊيا ٽيم اهڙن اڪائونٽن ۾ ملوث آهي، شهيدن سان اهڙو رويو برداشت نه ڪرڻ جوڳو آهي

دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج، پوليس ۽ عوام قربانيون ڏنيون آهن، اسان شهيدن جي گهر پاتين سان گڏ بيٺل آهيون، سوشل ميڊيا مهم جي پٽيان ماڻهن جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي

اسان ملڪ کي ڊيفالٽ ٿيڻ نه ڏينداسين ماڻهن جي زندگين کي آسان بنائڻ اسان جو مشن آهي، آءِ ايم ايف جي عمارت جي سامهون احتجاج جو ڪهڙو مطلب آهي، پاڪستان اچي احتجاج ڪريو

ٽيڪس اصلاحات ۽ ايف بي آر جي تنظيم تي نئين سري سان ڪم ڪيو پيو وڃي، ڪوبه اهڙو ڏينهن نٿو گذري جڏهن وزيراعظم معيشت بابت ڪنهن اجلاس جي صدارت نه ڪندو هجي

اسلام آباد (مر ڊ) اطلاعات واري وفاقي وزير عطا تارڙ چيو آهي ته شهيدن جي توهين ڪنهن به صورت ۾ برداشت ڪرڻ جوڳي نه آهي. اهڙن ماڻهن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي عطا تارڙ چيو ته گذريل ڏينهن اتر وزيرستان ۾ دهشتگردي جو واقعو پيش آيو جنهن ۾ پاڪ فوج جا جوان ۽ آفيسر شهيد ٿيا پر هڪ سياسي پارٽي شهيدن جي قربانين بابت سوشل ميڊيا تي توهين جوڳي مهم هلائڻ مذمت جوڳي آهي. اطلاعات واري وزير چيو ته هڪ سياسي پارٽي اڄ به شهيدن جي خلاف توهين جوڳو رويو رکي چڪي آهي پي ٽي آءِ جي سوشل ميڊيا ٽيم اهڙن اڪائونٽن ۾ ملوث/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: سڌ سماءَ جو وفاقي وزير عطا تارڙ پريس ڪانفرنس ڪندي

شهيدن جون عظيم قربانيون رائيگان نه ويندیون، دهشتگردن کي منهن توڙ جواب ڏينداسين: آصف زرداري

فوج ايمان، اتحاد ۽ نظر ضبط جي نظريات کي لاڳيتو برقرار رکيو، اهڙن پائيدارن اصولن جي رهنمائي ۾ فوج هميشه دهشتگردي جي خلاف پنهنجي جنگ ۾ پيشوارانه مهارت ۽ وفاداري جي اعليٰ مثال قائم ڪئي

ميرعلي ۾ شهادت ماڻيندڙ ليفٽيننٽ ڪرنل ڪاشف، ڪيپٽن مهمد احمد بدر سميت 7 جوان سڃي قوم جا هيرو آهن، پاڪستان قوم پنهنجي بهادر هيرن کي سلام پيش ڪري ٿي: محسن نقوي

پاڪ فوج جي جرئت مند جوانن شهادتون ماڻي دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو، پاڪ فوج جي آفيسر ۽ جوانن پنهنجي قيمتي رت ڏئي دهشتگردي خلاف جنگ ۾ تاريخ رقم ڪئي آهي

دشمن جنهن طريقي سان حملا ڪري رهيو آهي ان جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو، پوري قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج سان گڏ آهي، دشمن کي اهڑو جواب ڏينداسين جو ياد رکندو

وطن جي شهيدن جو لازوال قربانيون فراموش جوڳيون ناهن، شهيد اسان جو فخر آهن ۽ شهيدن جو عظيم قربانيون رائيگان نه ويندیون: جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (مر ڊ) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته شهيدن جون عظيم قربانيون منهن توڙ جواب ڏينداسين. اسان کي پنهنجي عظيم بهادر سپاهين ۽ آفيسرن تي فخر آهي. اتر وزيرستان ۾ دهشتگردن جي حملي ۾ بهادري سان وڙهندي به آفيسر ملڪ مٺان جولينٽيننٽ ڪرنل سيد ڪاشف علي شهيد ڪراچي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

راولپنڈي: صدر آصف علي زرداري ۽ آرمي چيف جنرل عاصم منير شهيدن جي وارثن سان تعزيت ڪندي

20 مارچ کان ڪڻڪ خريداري جو عمل شروع ڪرڻ ڪيو ويندو: جام خان شورو

خوراڪ کاتي پاران صوبي ۾ 353 ڪڻڪ جي خريداري جا مرڪز قائم ڪيا ويندا

حيدرآباد ڊويزن ۾ 78، لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ 71، سکر ڊويزن ۾ 68، شهيد بينظير آباد ۾ 58 خريداري سينٽر قائم ڪيا ويندا

خوراڪ کاتي پاران ڪڻڪ جي خريداري لاءِ مڪمل اپاءَ ورتا ويا آهن، 9 لک ٽن ڪڻڪ خريد ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي

ڪراچي (مر ڊ) سنڌ حڪومت پاران 20 مارچ کان صوبي ۾ ڪڻڪ جي خريداري جو عمل شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي خوراڪ کاتي واري وزير جام خان شورو جو چوڻ آهي ته سنڌ حڪومت 20 مارچ کان ڪڻڪ جي خريداري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

دهشتگردي جي خاتمي لاءِ صدر آصف علي زرداري جي ويزن تي عمل ضروري آهي: شازيہ مري

دهشتگردي جي هٿان شهيد ٿيل خاندانن سان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو درد جو رشتو آهي

اهي ماڻهو پڪڙ جوڳا آهن جن خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگردي جي ٻيهر آباد ڪيو

دهشتگردن کي بي رحمي سان چٽي ڏرتي کي پاڪ ڪرڻ ضروري آهي، شهيدن جي توهين برداشت نه ڪئي ويندي

نواب شاهه: پ پ اڳواڻ آصف ڀٽو زرداري نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائيندي

اسلام آباد (مر ڊ) پيپلزپارٽي پارليامينٽرينز جي اطلاعات واري سيڪريٽري شازيہ مري چيو آهي ته دهشتگردي جي پاڙ پٽڻ لاءِ صدر آصف علي زرداري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

وزيراعظم وفاقي وزير اويس لغاري جو قلمدان تبديل ڪري ڇڏيو، توانائي وزارت ڏني وئي

اسلام آباد (مر ڊ) وزيراعظم شهباز شريف وفاقي وزير اويس لغاري جو قلمدان تبديل ڪري ڇڏيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

آصف زرداري جي 207 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا

صدر آصف علي زرداري جي خالي تڪ ۾ ضمني چونڊ 21 اپريل تي ٿيندي

آصف علي زرداري 8 ان تڪ تي شير محمد رند کي شڪست ڏني هئي

نوابشاهه (مر ڊ) پ پ آصف زرداري جي صدر بڻجڻ کانپوءِ سندس خالي ڪيل سيٽ تڪ اين اي 207 شهيد بينظير آباد (نواب شاهه) مان آصف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ايمنسٽي انٽرنيشنل جو پاڪستان کان ايڪس جي بحالي جو مطالبو

ايڪس جي بندش مختلف سياسي جماعتن جي راءِ کي ڀڃڻ جي ڪوشش آهي: ايمنسٽي

سوشل ميڊيا سائٽس جي بندش اظهار جي آزادي جي بنيادي حق جي پڇڙي آهي

اسلام آباد (مر ڊ) ايمنسٽي انٽرنيشنل پاڪستان حڪومت کان ايڪس جي بحالي جو مطالبو ڪري ڇڏيو. ايمنسٽي انٽرنيشنل طرفان جاري ڪيل بيان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پاڪ-ايران گئس پائپ لائن پاڪستان لاءِ اهم منصوبو آهي: سردار اياز صادق

ايران سان پائرائن، دوستائن ۽ تاريخي لاڳاپن کي وڌي اهميت ڏيون ٿا، ٻئي پائر ملڪ مذهب، پائيچاري، ثقافت ۽ تاريخي رشتن ۾ واڳيل آهن

ٻنهي ملڪن جي پارليامينٽ وچ ۾ ويجهن لاڳاپن کي هڏي ڏيڻ وقت جي ضرورت آهي، پارليامائي رابطا به طرفن لاڳاپن کي هڏي رنرائڻ ۾ اهر ڪردار ادا ڪندا

پاڪستان ۽ ايران هڪ ٻئي سان واپار ۽ سيڙپڪاري جي مختلف شعبن ۾ موجود موقعن مان پرپور فائدو وٺي سگهن ٿا: ايراني سفير

اسلام آباد: قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر اياز صادق سان ايراني سفير ملاقات ڪندي

اسلام آباد (مر ڊ) قومي اسيمبلي اسپيڪر سردار اياز صادق سان ايراني سفير ڊاڪٽر رضا اميري مغدام ملاقات ڪئي آهي. ايراني سفير سردار اياز صادق کي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. جنهن تي قومي اسيمبلي اسپيڪر سندس ٽورا مجيا. ملاقات ۾ به طرفن لاڳاپن سميت گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيال جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اياز صادق چيو ته پاڪستان - ايران سان پائرائن، دوستائن ۽ تاريخي لاڳاپن کي وڌي اهميت ڏئي ٿو. ٻئي پائر ملڪ مذهب، پائيچاري، ثقافت ۽ تاريخي رشتن ۾ واڳيل آهن. هن چيو ته ٻنهي ملڪن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ايف آئي اي سڃي ملڪ مان 87 آفيسرن ۽ اهلڪارن کي بليڪ لسٽ ڪري ڇڏيو

بليڪ لسٽ ڪيل اهلڪارن کي اميگريشن کان علاوه اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪلز ۾ به مقرري تي پابندي هوندي

سپاهي کان وٽي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي سطح جي اهلڪارن ۽ آفيسرن کي بليڪ لسٽ ڪيو ويو

عملدارن ۾ شامل آفيسرن ۽ اهلڪارن کي باقائدي انڪواري کان پوءِ بليڪ لسٽ ۾ پابندي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ليبيا ۾ يونان ٻيڙي حادثي جي رپورٽ کان پوءِ ايف آئي اي سڃي ملڪ مان 87 آفيسرن ۽ اهلڪارن کي اميگريشن شعبي ۾ مقرري جي حوالي سان بليڪ لسٽ ڪري ڇڏيو. خبر موجب ايف آئي اي پاران جاري ڪيل حڪمن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

وفاقي حڪومت نان فائلرز تي پراپرٽي ٽيڪس وڌائڻ تي راضي

پاڪستان آءِ ايم ايف کي ريئل اسٽيٽ سيڪٽر کي ٽيڪس نيٽ ۾ آڻڻ جو يقين ڏياري ڇڏيو

پراپرٽي جي خريداري تي روڪ رقم جي بجاءِ بينڪ ذريعي ڏيتي ليتي جي به تجويز ڏني وئي

اسلام آباد (مر ڊ) پاڪستان عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) کي ريئل اسٽيٽ سيڪٽر کي ٽيڪس نيٽ ۾ آڻڻ جو يقين ڏياريو آهي جنهن جي تحت نان فائلرز پراپرٽي جي خريد ۽ وڪرو تي ٽيڪس ۾ اضافو ڪيو ويندو. تفصيل موجب حڪومت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

رمضان المبارڪ ۾ عام واهپي وارين شين جون قيمتون وڌي ويون، خريدار مايوس

لاهور ۾ بصر 200 روپيہ، ٽماٽو 115 روپيہ، ادرڪ ۽ ٽوم 600 روپيہ ڪلو ۽ ڪرو ٽيڻ لڳا

ڏڳهين قطارن ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيهڻ کان پوءِ خبر پوي ٿي ته سبسڊي سيني جي لاءِ نه آهي: شهري

عيد جي لاءِ نون ڪپڙن جي خريداري لاءِ قيمتن جو سوچي ئي شهري تمام گهٽو پريشان ٿي ويا

سرگوڌا: هڪ شهري روزي افطار ڪرڻ لاءِ خريداري ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (مر ڊ) رمضان المبارڪ ۾ ملڪ ۾ عام واريون شين جون قيمتون آسمان سان گالهيون ڪرڻ لڳيون جنهن سبب خريدار مايوس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

جي ڊي اي اڳواڻ سردار عبدالرحيم جي پاڃائي لاڏاڻو ڪري ويئي، جنازي نماز اڄ پڙهائي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ سردار عبدالعزيز جي زال ۽ جي ڊي اي جي اطلاعات/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي ۾ پوليس مقابلن ۾ 6 اسٽريٽ ڪرمنل مارجي ويا، 6 زخمي قورن سميت 37 ڏوهاري گرفتار

گرفتار جوابدارن وٽان 35 مختلف قسمن جو غير قانوني اسلحو، 16 موٽرسائيڪلون ۽ هڪ گاڏي هٿ ڪئي وئي

مختلف علاقن مان لکين روپين جو 79 ڪلو 946 گرام چرس، هيروئن، هڪ ڪلو 662 گرام آئيس، ڪرستال ۽ 10 سراب جو بوتلون هٿ ڪيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پوليس پاران اسٽريٽ ڪرائيم جي خاتمي لاءِ گذريل هفتي پرپور ڪارروائين ڪيون ويون. ان دوران 6 اسٽريٽ ڪرنل ڏوهاري مارجي ويا، جڏهن ته سڃي شهر ۾ مختلف هنڌن تي 28 مقابلن ۾ فائرنگ جي ڏي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

شهيدن خلاف بيان ڏيندڙن جو دهشتگردن سان ضرور ڪو واسطو آهي: خواجا آصف

جيڪي دهشتگرد افغانستان مان پاڪستان اچي رهيا آهن، هي ماڻهو ئي انهن کي پناهه ڏينداآهن

دهشتگردي خلاف جنگ متحد ٿي وڙهي سگهجي ٿي، ڪجهه ماڻهن شهيدن جو مذاق اڏايو، انهن کي ريٽرننگ آفيسرن سان تشبيهه ڏني

شهيد اسان جا محسن آهن، ملڪ انهن جي ڪري قائم آهي، هن وقت سڀ کان وڏيڪ دهشتگردي خيبرپختونخواهه ۾ ٿي رهي آهي

سيالڪوٽ (مر ڊ) بجاءِ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته هن وقت سڀ کان وڏيڪ دهشتگردي خيبرپختونخواهه ۾ ٿي رهي آهي. جيڪي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سيالڪوٽ: وفاقي وزير خواجا آصف پريس ڪانفرنس ڪندي

عمران خان پاڪستان کي ڏڦالت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙن لاءِ به سزا تجويز ڪري: عرفان صديقي

اسلام آباد (مر ڊ) نواز ليگ جي سينيٽر عرفان صديقي پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني کان مطالبو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

بلاول ڀٽو سان ويهندا سين، نجڪاري تي ڳالهيون ٿينديون: مصدق ملڪ

اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته پنهنجي نسلن لاءِ ملڪ کي تباهي کان بچائي سگهون

تجويز آهي ته سياري ۾ بجلي جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي ته جيئن واهپي ۾ اضافو ٿئي

اسلام آباد (مر ڊ) پيٽروليم واري وفاقي وزير سينيٽر مصدق ملڪ چيو آهي ته جيڪڏهن هو پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو سان گڏ ويهندو ته نجڪاري تي ڳالهه ٻولهه ڪندس. پي ٽي آءِ ترجمان پنهنجي بيان ۾ چيو ته وطن جي مصدق ملڪ چيو ته اسان پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائنز/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سنڌ ۽ بلوچستان جي صارفين لاءِ گيس وڌيڪ مهانگي ٿيڻ جو امڪان

سوئي سدرن گيس ڪمپني پهرين جولاءِ کان گيس مهانگي ڪرڻ جي درخواست ڪري ڇڏي

ايس ايس جي سي گيس جي قيمت ۾ 274 روپيہ 40 پئسا في ايم بي ٽي يو جو اضافو گهريو

اوگرا سوئي سدرن جي درخواست تي اڄ ڪراچي ۾ ٻڌڻي ڪندو، 20 مارچ تي ڪوئٽه ۾ به ٻڌڻي ڪئي ويندي

اسلام آباد (مر ڊ) ايندڙ مالي سال کان سنڌ ۽ بلوچستان جي صارفين لاءِ گيس وڌيڪ مهانگي ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي جنهن جي لاءِ اوگرا کي درخواست جمع ڪرائي وئي آهي. سوئي سدرن گيس ڪمپني پهرين جولاءِ 2024 کان گيس مهانگي ڪرڻ جي درخواست ڪري ڇڏي آهي. ايس ايس جي سي گيس جي قيمت ۾ 274 روپيہ 40 پئسا في ايم بي ٽي يو جو اضافو گهريو آهي ۽ گيس جي نئين اوسط قيمت 1740.80 روپيہ مقرر ڪرڻ جي درخواست ڪئي آهي. درخواست ۾ سوئي سدرن کالهه 79 ارب 63 ڪروڙ روپيين جي روينيو شارٽ فال جو اندازو لڳايو آهي جنهن ۾ مٽامي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان قلعه سيف الله جو شاگرد ملاقات ڪندي

مريم نواز جي مداخلت سان ملڪ بخاري کي پرڏيهه وڃڻ جي اجازت ملي وئي

منهنجو نالو نو فلائي لسٽ مان هٽايو ويو آهي، بيمار پيٽ جي عيادت جي لاءِ وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي: ملڪا

منهنجي وڏي پيٽ جي طبيعت تمام گهٽي خراب آهي هوويندي ليٽر تي آهي مان به پنهنجي پيٽ کي ڏسڻ چاهيان

ملڪ بخاري کي پرڏيهه اماڻڻ لاءِ لاڳاپيل اختيارين سان ڳالهائيندس (مريم نواز) توهان جي ٽوائٽي رهنديس: ملڪا

لاهور (مر ڊ) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز جي وقت تي مداخلت سان پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر ملڪ بخاري کي پيٽ جي عيادت لاءِ پرڏيهه وڃڻ جي اجازت ملي وئي. ملڪ بخاري پرڏيهه وڃڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسرائيلي فوج کي تيل سپلائي بند ڪيو: گڏيل قومن جو عالمي ڪمپنين کان مطالبو

آمريڪا، برازيل، روس، آذربائيجان ۽ قازقستان جي ذريعي اسرائيلي فوج کي تيل ڏنو پيو وڃي: مائيڪل فخري

اسرائيلي فوج کي تيل سپلائي ڪرڻ غزه ۾ نسل ڪشي ۾ ملوث هجڻ جيان آهي، ڪمپنين تي معاشي پابندين لڳڻ گهرجن

نيويارڪ (مر ڊ) عالمي سطح تي امن ۽ سيڪيورٽي کي يقيني بنائيندڙ اداري گڏيل قومن جي بن نمائندن تيل جي 3 عالمي ڪمپنين کان مطالبو ڪيو آهي ته غزه جنگ جي دوران اسرائيلي فوج کي تيل سپلائي بند ڪري ڇڏين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

وفاق کان ملندڙ پئسا خيرات نه، اسان جو حق آهي، هر صورت ۾ ونڊي رهنداسين: علي امين گنڈاپور

منهنجي پهرين ترجيح صوبي ۾ امن امان ڪرائڻ آهي، امن امان جي حوالي سان مڪمل پلان بنائي ورتو آهي جنهن تي جلد ڪم شروع ٿيندو

سال ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي 10 هزار روپيہ ڏنا ويندا ته اٿهي مان چا ٿيندو، قومون اهي ٻڌندیون آهن جيڪي پنهنجي پيرن تي بيهندیون آهن

نوجوان چوٽين گريڊ جي پٽيوالي جي نوڪري لاءِ پنج کان چهه لک ڏيڻ بجاءِ پنهنجي مينهن پالي بهتر روزگار ڪمائي سگهن ٿا

پشاور (مر ڊ) خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڈاپور چيو آهي ته وفاق کان سلنڈر پئسا خيرات نه، اسان جو حق آهي جيڪو اسان هر صورت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

خيبرپختونخواهه جو وڏو وزير علي امين گنڈاپور

ملڪ جي مختلف شهرن ۾ موسم گرم ٿي ويو: ڪراچي ۾ گرمي پد 35 ڊگري تائين پهچڻ جو امڪان

ڪراچي (مر ڊ) ملڪ ۾ موسم تبديل ٿي رهيو آهي ۽ ڏينهن جي وقت گرمي جو زور وڌندو پيو رهي./بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

راجن پور: پنگ جي رقم نه ڏيڻ تي ڏاڙيلن 2 مغوين کي قتل ڪري ڇڏيو

رحيم يار خان جي رهواسي ٻنهي ڀٽن کي 13 ڏينهن اڳ چت ٺهرائڻ جي بهاني روجهاڻ گهرائي اغوا ڪيو ويو

ڏاڙيلن مقتولن جا لاش درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيا، هڪ مغوي احسن جي لاش کي ڪڍيو ويو، ٻئي مغوي جو پتو پئجي نه سگهيو

راجن پور (مر ڊ) راجن پور جي ڪچي ۾ ڏاڙيلن پنگ جي رقم ۽ ديرءِ مزاحمت تي 2 مغوين کي قتل ڪري ڇڏيل پوليس موجب رحيم يار خان جي رهواسي ٻنهي ڀٽن کي 13 ڏينهن اڳ چت ٺهرائڻ جي بهاني روجهاڻ گهرائي اغوا ڪيو ويو هو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

افغانستان ۾ بدترين ٽريفڪ حادثي ۾ 21 ڄڻا اجل جو شڪار

هلمند ۾ قندار - هرات هاءِ وي تي مسافر بس، موٽر سائيڪل ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر

بدترين ٽريفڪ حادثي ۾ 21 ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا: صوبائي حڪومت

هلمند (مر ڊ) افغانستان جي ڏکڻ صوبي هلمند ۾ قندار - هرات هاءِ وي تي مسافر بس، موٽر سائيڪل ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر جي نتيجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

زيراعظم سان قلعه سيف الله بلوچستان سان تعلق رکندڙ شاگرد جي ملاقات

خوشي ٿي آهي ته اڪرام الله پراعتماد، فرمابردار ۽ سليڪٽو شاگرد بڻجي چڪو آهي: زيراعظم

زيراعظم اڪرام الله کي پنهنجي ذاتي حيثيت ۾ ٽيبليٽ جو تحفو ڏنو

اسلام آباد (ايڻ ايڻ آءِ) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان قلعه سيف الله، بلوچستان سان تعلق رکندڙ اڪرام الله آچر هتي ملاقات ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

رمضان جي پهرين هفتي ۾ مسجد نبوي ايندڙ زائرين جو انگ 50 لک کان وڌي ويو

هڪ هفتي دوران 52 لک 25 هزار 231 زائرين مسجد نبوي پهتا آهن: انتظاميا

414878 زائرين رسول صہ جي روضي تي سلام پيش ڪيو: رپورٽ

مڪو شريف (مر ڊ) حرمين شريفين انتظاميہ چيو آهي ته رمضان المبارڪ جي پهرين هفتي ۾ مسجد نبوي ۾ ايندڙ زائرين جو انگ 50 لک کان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

حيدرآباد ۾ ريلوي اسٽيشن ويجهو ٽرين جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت

ٽرين جي ٽڪر ۾ فوت ٿلي نوجوان جو لاش سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

فوتي نوجوان جي عمر لڳ ڀڳ 25 سال آهي: ايدي عملو

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ ريلوي اسٽيشن ويجهو ٽرين جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت ٿي ويو. سول اسپتال/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

هلمند: افغانستان ۾ حادثي جو شڪار گاڏي واقعي واري هنڌ پيل آهي

ڪي پي ۾ پي ٽي آءِ جي دور ۾ تمام گهٽي ڪرپشن ٿي: شير افضل مروت

اڳوڻو وڊر وزير محمود خان هڪ ئي مائن سان 25 لک روپيا روز ڪمائي ٿو

علي امين گنڈاپور به پي ٽي آءِ جا 9 وزيرن جي ڪرپشن بابت ٻڌائي رهيو هو

پشاور (مر ڊ) تحريڪ انصاف اڳواڻ شير افضل مروت چيو آهي ته خيبرپختونخواهه ۾ پي ٽي آءِ جي گذريل حڪومتي دور ۾ تمام گهٽي ڪرپشن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

نيب ڪرپشن جي الزام ۾ پنهنجي ئي آفيسر کي گرفتار ڪري ورتو

نيب جي ٽيم ڏهٻي ڊائريڪٽر نيب عمران شيخ کي ڪرپشن ۾ ملوث جوابدارن کان رشوت وٺڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪري ورتو

نيب آفيسر تي چيڪن جي صورت ۾ رشوت وٺڻ جو الزام، هو گيترائي چيڪ ڪيش به ڪرائي چڪو

ڪراچي (رپورٽ) نيب ڪراچي مان ڪرپشن جي الزام ۾ پنهنجي ئي آفيسر کي گرفتار ڪري ورتو. ذريعن موجب ڪراچي ۾ اسلام آباد جي نيب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

حيدرآباد - سکر موٽروي معاهدو ختم، ڪم نه ٿيندو

ٺيڪيدار پاران منصوبي جي واڌو لاڳت سبب معاملا مسئلن جو شڪار ٿيا

نگران وفاقي حڪومت پنهنجي دور جي آخري ڏينهن ۾ معاهدو ختم ڪري ڇڏيو هو

ڪراچي (رپورٽر) نگران وفاقي حڪومت پنهنجي دور جي آخري ڏينهن ۾ سکر، موٽروي جي اڏاوت ۽ واڌو معاهدو ختم ڪري ڇڏيو هو. ذريعن جو چوڻ آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اندس ديلٽا ۾ ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم کان هيٺ سنڌو درياهه جو گهربل پاڻي نه پهچڻ سبب آبادگار پريشان

ساموندي کاروپاڻي اندس ڊيلٽا کان ابتو وهي ڪوٽ عالم ۽ ٻنون پٽڻ کان ٽپي جهڙڪن تائين پهچي ويو آهي

پاڻي نه وڃڻ سب سمنڊ جي کاري پاڻي جي ابتي اٽل سجاول، ٺٽو ضلعن ۾ وڏي تباهي برپا ڪري ڇڏي آهي

گهوڙاباري، ديه جهرڪ، ٻاٻورنداس، ديه شاهپور، ديه پيلو سميت 30 کان وڌيڪ ديهن کي گڙڪائي ويو آهي: ذريعا

ڏرو: سمنڊ جو کاروپاڻي ٻنون پٽن تائين پهچي ويو

ڏرو (رپورٽر: شوڪت ميمڻ) ڏرو: اندس ڊيلٽا ۾ ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم کان هيٺ سنڌو درياهه جو گهربل پاڻي نه پهچڻ سبب سمنڊ جون کهري کاروايون جاري...!! ساموندي کاروپاڻي اندس ڊيلٽا کان ابتو وهي ڪوٽ عالم ۽ ٻنون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر ۾ گيس جي بدترين لوڊشيڈنگ شهري کاڻ ۽ ڪوئلي تي کاڏو تيار ڪرڻ تي مجبور

شهرين ۽ پرپاسي کاڻ جي گهرج ۾ واڌ، کاڻيون ۽ ڪوئلا ڪرو ڪنڊڙ دوکاندارن اگهه وڌائي ڇڏيا

گيس جي اڻ اعلانيل بندش سبب کاڻ ۽ ڪوئلي جو استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن: ساڃاهه وند

ڪوئلي تي کاڏو تيار ڪرڻ تي مجبور. کاڻ جي گهرج ۽ واڌ، کاڻيون ۽ ڪوئلا ڪرو ڪنڊڙ دوکاندارن اگهه وڌائي ڇڏيا سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ گيس جي بدترين لوڊشيڈنگ، جلها بند، ماڻهو کاڻ ۽ سوئي سدرن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

رمضان جو مهينو شروع ٿيندي ئي گهارو ۾ ڪائڻ پيئڻ جو شيون مهانگيون ٿي ويون

غريب طبقو پريشان سبزي، ميڇي، مرغي، گوشت فروٽ جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا

واپارين ۽ دوڪاندارن ملي پڳٽ ڪري سبزي جا هٿرادو ريٽ مقرر ڪري ڇڏيا، اختيارين نوٽيس نه ورتو

هٽ ٿوڪيا اگهه مقرر ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪري غريب مسڪين ماڻهن کي رليف فراهم ڪيو وڃي

گهارو (رپورتر: بشار جوڪيو) رمضان شريف جو پلارو مهينو شروع ٿيندي ئي گهارو ۾ ڪائڻ سخت پريشان سبزي، ميڇي، مرغي، گوشت پيئڻ جو شيون مهانگيون ٿي ويون غريب طبقو فروٽ جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا. غريب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

گهارو: رمضان شريف جي حوالي سان سبزيون ۽ فروٽ دڪان تي ويل آهن

- دادو ۾ پٽيشن رائيٽر سوشل سماجي ورڪر جاني اصغر ڪوريجو جي والد جي 2 ورسي تقريب

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سيشن ڪورٽ دادو جو پٽيشن رائيٽر سوشل سماجي ورڪر جاني اصغر ڪوريجو جي والد محمد آچر ڪوريجو جي 2 ورسي تقريب دادو محمد شاه ڪالوني ڪوريجو هائوس تي منعقد ڪئي وئي، مرحوم ڪي ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ محفل درود پاڪ، قرآن خواني ۽ نعت خواني جو اهتمام ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفي شاهه پاران تڪ جي عوام سان ملاقات

الهه بخش لاکو عبدالنبي جمالي عطامحمد سيال سيد علي حيدر شاهه، اميربخش عباسي ملاقات ڪئي

سيد علي حيدر شاهه، اميربخش عباسي، عبيد چانڊيو سکرنڊ پريس ڪلب جي صدر رضا محمد سيال شريڪ

سکرنڊ اين اي 208 جي عوام جو شڪر گذار آهيان جن مونتي پنجون پيرو اعتماد ڪيو آهي: غلام مصطفي شاهه

سکر: (رپورٽر: راج ڪمار اوڏ) پاڪستان قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفي شاهه پنهنجي گڙت محراب پور ۾ پنهنجي تڪ جي عوام سان ملاقات ڪئي ملاقات ڪندڙن ۾ پ پ پ سنڌ ڪائونسل جو ميمبر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دادو ۾ پي ايس جهلو ٽاڻي جي حد جي ڳوٺ چنرات جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

شاهد احمد فاروقي شبير فاروقي پرويز احمد فاروقي محمد سومر فاروقي احتجاجي مظاهرو ڪيو

بااثرن هٿياربند جي زور تي اسان جي مامي غلام محمد عرف پپو فاروقي کي قتل ڪيو هو: مظاهرين

جيڪڏهن اسان کي انصاف نه مليو ته اسان ايس ايس پي دادو جي آفيس جي گيٽ اڳيان پاڻ ساڙيندا سين

دادو: ڳوٺ چنرات واسي بااثرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ پوليس اسٽيشن جهلو ٽاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ چنرات جي رهواسين شاهد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهرو فيروز ۾ روڊ حادثو، عورت فوت، ٻن معصوم سميت 3 ڇڪا زخمي

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) پرياستي/روڊ حادثو عورت فوت ٻن معصوم ٻارڙن سميت 3 ڇڪا زخمي پرياستي ويجهو قومي شاهراھ تي دالي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

شهدادڪوٽ شهر ۾ امن امان جي خراب صورتحال، جوا، فحاشي، منشيات جي اڈن خلاف اي پي سي منعقد

آئيس جي وڪري سميت ٻين سماجي برائن خلاف ليبر هال شهدادڪوٽ ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائي وئي

شهر جي مختلف سياسي، سماجي، مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن شهري اتحاد صدر وهاب پنڊراڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

شهر ۾ امان امن جي صورتحال خراب آهي جنهن ڪري هر روز چورين، ڦرجوارداتون معمول بڻجي ويو آهي: ساڃاهه وند

شهدادڪوٽ: (ن سنڌ يار) شهر شهدادڪوٽ ۾ امن امان جي خراب صورتحال، جوا جي اڈن، فحاشي اڈن، منشيات جي اڈن، پان پراڳ گهٽڪي، هيروين ۽ آئيس جي سرعام وڪري ۽ ٻين سماجي برائين خلاف ليبر هال شهدادڪوٽ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دادو ۾ يواهه غريب عورتن ۾ پاڪستان ريڊ ڪريسنٽ سوسائٽي پاران مينهون ورهايون ويون

يونين ڪائونسل جوهي 2 جي مختلف ڳوٺن جي مستحق خاندانن ۾ 60 مينهن جي ورهاست ٿي

آءِ ايف آر سي جي غير ملڪي وفد پيٽر گئي اوفوف، ڪامران ڪاشف، چيئرمين ڊسٽرڪٽ برانچ شريڪ

اسان وٽ موجوده وسيلن مان جيترو ٿي سگهيو آهي ٻوڏ متاثر مستحق ڳوٺاڻن جي مدد ڪئي آهي: سماجي اڳواڻ

دادو: سماجي تنظيم پاران مستحقن ۾ چوپايو مال تقسيم ڪيو پيو وڃي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ ٻوڏ متاثر بيواهه ۽ غريب عورتن ۾ پاڪستان ريڊ ڪريسنٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

- وارهه لڳ ڳوٺ شفيع محمد بروهي جي رهواسي علي نواز ولد لعل محمد بروهي جو پنهنجي پياڻ خان محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

وارهه (رپورٽر: طالب حسين چانڊيو) وارهه لڳ ڳوٺ شفيع محمد بروهي جي رهواسي علي نواز ولد لعل محمد بروهي جو پنهنجي پياڻ خان محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سجاول بس اسٽاپ مقابلي دوران ڏوهارين جي سهولتڪار کي گرفتار ڪيو آهي: ايس ايس پي

سجاول بائي پاس روڊ پٽي لنڪ روڊ ووٽ ڪارروائي ڪندي مقبول شاهه ۽ مرتضيٰ شاهه کي گرفتار ڪيو

جارلنڪ روڊ تي شڪي حالت ۾ سوزوڪي هٿ آئي جنهن کي پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي

پوليس گذريل رات ڪاروائي ڪندي 2 موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون جيڪا مالڪن حوالي ڪيون آهن

سجاول (رپورٽر ممتازعلي نهڙيو) ايس ايس پي سجاول شهلا قريشي پنهنجي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڄڻايو ته ڪجه ڏينهن اڳ سجاول شهر جي رچ بازار ۾ اپاري ايريا ميمڻ جنهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سنڌ جو مشهور نالياورو پلوڙ شاعر زمان خاصخيلي جگر جي بيماري ۾ مبتلا ٿي ويو

اچان تائين سنڌ سرڪار، ثقافت ڪاتي سميت سندس ڪنهن به سار ناهي لڌي: زمان خاصخيلي

حامد مغل، ثريا سومرو، الهڏنو خاصخيلي، الهڏنو جوڻيجو، جلال چانڊيو، عرس چانڊيو ۽ فنڪار ڳايا آهن

شاعر زمان خاصخيلي جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائي ڪيس بيماري مان نجات ڏياري وڃي: ساڃاهه وند

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ جو مشهور نالياورو پلوڙ شاعر زمان خاصخيلي جگر جي بيماري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽو: سنڌ جو نالياورو شاعر زمان خاصخيلي مالي مدد جي اپيل ڪري رهيو آهي

- شهدادڪوٽ جو سينيئر استاد سيف الله سومرو اوچتو دل جي دورو پوڻ سبب 55 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

شهدادڪوٽ (رپورٽر) شهدادڪوٽ جو سينيئر استاد سيف الله سومرو اوچتو دل جي دورو پوڻ سبب 55 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. مرحوم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بدين ۾ شهيد هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ جسقم اڳواڻن پاران احتجاج

بدين (رپورٽر: مرتضي ميمڻ) ۾ شهيد هدايت لوهار جي قاتلن کي ۽ استاد شهيد هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ جسقم اڳواڻن لياقت انصاري، تنوير ڪاتيار، محفوظ گاڏيوان، باغي ذوالفقار، ساگر خاصخيلي ۽ ٻين طرفان نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو جنهن دوران هنن اڳواڻن بڌايو ته شهيد هدايت لوهار جي نياڻين سورت ۽ سسئي لاڳاڪاڻو ۾ احتجاج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

خانپور مهر ۾ 5 انساني حياتين ڳڙڪائيندڙ ملڪ ۾ بوزدار خوني تڪرار جي نبيري لاءِ قافلو پهتو

خوني تڪرار جي نبيري لاءِ ميڙ منٽ قافلو ڏرين وٽ پهچي ويو، ملڪ برادري پاران هڪ هفتو مهلت طلب

گامڻ خان گبول سميت سيد ۽ ٻين مختلف برادرين جي معززين جي اڳواڻي ۾ ميڙ منٽ قافلو پهچي ڳالهيون ڪيون

ٻنهي ڏرين جا 5 ڇڪا نظر محمد بوزدار ۽ ملڪ ڏرجا ضمير احمد ملڪ، نزاڪت ملڪ ۽ مهدي حسن ملڪ مارجي چڪا آهن

خانپور مهر (رپورٽر: آفتاب سيال) خانپور مهر ۾ 5 انساني حياتين ڳڙڪائيندڙ ملڪ ۽ بوزدار تعلق پريس ڪلب وارهه جي نئين چونڊجي آيل باڊي جو پهريو ماهوار اجلاس صدر عبدالجبار تنيو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو اجلاس جي ڪاروائي جنرل سيڪريٽري طالب حسين چانڊيو هلائي اجلاس جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي اجلاس ۾ صدر عبدالجبار تنيو جنرل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

خانپور مهر: بوزدار ۽ ملڪ خوني تڪرار ختم ڪرائڻ لاءِ پهتل ميڙ منٽ قافلي جو ڏيک

مهلت طلب، قافلي ۾ علاقتي جا ڇڱا مڙس ۽ سيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

خوني تڪرار جي نبيري لاءِ ميڙ منٽ قافلو ڏرين وٽ پهچي ويو، ملڪ برادري پاران هڪ هفتو

- تعلق پريس ڪلب وارهه جي
- نئين چونڊجي آيل باڊي جو
- پهريو ماهوار اجلاس

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) تعلق پريس ڪلب وارهه جي نئين چونڊجي آيل باڊي جو پهريو ماهوار اجلاس صدر عبدالجبار تنيو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو اجلاس جي ڪاروائي جنرل سيڪريٽري طالب حسين چانڊيو هلائي اجلاس جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي اجلاس ۾ صدر عبدالجبار تنيو جنرل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکرنڊ ۾ سرسان حد ڳوٺ قادر بخش مگسي ۾ جهيڙي واري مامري جو ڪيس 20 ڇڻ تي داخل

رستي جي لنگهه تان جهيڙي واري معامري جو ڪيس مقتولن جي وارثن جي فرياد تي داخل ڪيو ويو

گل محمد عرف گلڻ مگسي، خالد "مهر علي، حسين بخش، محمد يوسف، الاهي بخش عرف الله بخش شامل

قاتلن کي هرگز بخش نه ڪيو ويندو، انهن کي گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچائينداسين: ڪڌهر پوليس

سکرنڊ (رپورٽر: راج ڪمار اوڏ) سکرنڊ پرسان گذريل ڏينهن ڪڌهر ٽائي جي حد ڳوٺ قادر بخش مگسي ۾ مگسي برادري جي هن ڏرين ۾ رستي جي لنگهه تان جهيڙي واري معامري جو ڪيس مقتولن جي وارثن جي فرياد تي داخل ڪيو ويو جوابدارن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

پرياستي پرسان ڳوٺ قادربخش سانڊ ۾ پرائي تڪرار تان هٿيار بندن پاران فائرنگ

منڌار رند جي گهر تي هٿيارن سان چڙهائي فائرنگ عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد ڪيو ويو

منڌار رند گلشير رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بااثر بلاول سولنگي مختيار احتجاجي مظاهرو ڪيو

هٿياربند گهڙي اسان متان فائرنگ ڪري 8 ورهين جي نينگر نصير رند کي اغوا ڪري ويا آهن: الزام

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) پرياستي پرسان ڳوٺ قادربخش سانڊ ۾ پرائي تڪرار تان هٿيار بندن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهروفيروز: ڳوٺ قادربخش سانڊ واسي بااثرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

- پريس ڪلب غلام الله جو هنگامي اجلاس
- اجلاس، پيرل پياسي ملاح کي
- مليل ڏمڪين جي مذمت

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) پريس ڪلب غلام الله جو هنگامي اجلاس پريس ڪلب غلام الله جي صدر دولترام ڪوهستاني جي صدارت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سنڌ پريس ڪلب رائيپور تي صحافت چا آهي ۽ چوتي ڪجي؟ جي عنوان هيٺ ليڪچر

مان صرف ايتري وضاحت ڪندس ته صحافت خدمتِ خلق آهي: سينئر صحافي اديب گلڙ جامڙو

عبادت سمجهون تا ته پوءِ قلم ۾ سچائي ايمانداري همدردي جهڙيون وصفون شامل هجڻ لازمي آهن

صحافت ڪرڻ لاءِ بولي، قانون، اخلاقيات کان وقف هجڻ ضروري آهي، سوشل ميڊيا جي لڪت الڳ آهي

رائيپور (رپورٽر) سنڌ پريس ڪلب رائيپور تي صحافت چا آهي؟ صحافت چوٽي ڪجي؟ جي عنوان سان ليڪچر پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن جي صدارت سنڌ پريس ڪلب جي صدر عنايت الله سهتر ڪئي. ان موقعي تي ليڪچرر ڏينڊي سينئر صحافي اديب گلڙ جامڙو جيڪو ته اڄ جي ليڪچر پروگرام ۾ به اهم سوال رکيا ويا آهن هڪ صحافت چا آهي؟ پيلو صحافت چو ٿي ڪجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

بدين شهر جي سبزي منڊي روڊ تي اسپيئر پارٽس جي دڪان تي هٿيار بند چڙهائي

هٿيارن جي زور تي دڪاندار محمد سومرو ۽ سندس ملازم کي يرغمال ڪري قرلٽ ڪئي

بدين ۾ اهو ڏينهن ۽ رات خالي ناهي جنهن ۾ چوري ۽ ڦرجي واردات ناهي ٿي هجي: شهري

گرفتار جوابدار کان ڏيتي ليتي ڪري ان کي اهو چئي آزاد ڪيو ويو ته هي ان چوري ۾ ملوث نه آهي

بدين (رپورٽر مرتضي ميمڻ) بدين شهر جي سبزي منڊي روڊ تي افطاري جي وقت ڪان ٽورو ۾ موٽر سائيڪل تي سوار چار هٿياربند محمد سومرو جي اسپيئر پارٽس جي دڪان تي اچ ۽ موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان ڪڍي گهڙي آيا ۽ هٿيارن جي زور تي دڪاندار محمد سومرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

عبدالعزيز چاچڙ اسڪولن جي فرنيچر ۾ ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪئي آهي: ممتاز علي وڌو

ڊائريڪٽر سيڪنڊري ڪرپشن ڪري سينيئر استادن جا پروموشن بند ڪري استادن جو حق ڪائي رهيو آهي

ٻوڏ ۾ تباهه ٿيل اسڪول ۾ هن وقت تائين ڪرسيون ۽ ٻيون اسڪولي فرنيچر نه مليو آهي، شاگرد پٽ تي ويهن ٿا

اسڪول سينيئر استادن جي حق تلفي ڪيون ويندو آهي ۽ تمام سينيئر استادن جا پروموشن بند ڪري ڇڏيا آهن

شهدادڪوٽ (رپورٽر) ڊائريڪٽر سيڪنڊري اسڪول عبدالعزيز چاچڙ ٻوڏ متاثر علاقن جي اسڪولن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

شهدادڪوٽ: استاد آگوان ممتاز علي وڌو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

- ٺٽي جي تاريخي شهر جهرڪ
- لڳ ٽلهو فقير پوليس چوڪي
- اڳيان حادثو، 20 زخمي

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ضلعي ٺٽي جي تاريخي شهر جهرڪ لڳ ٽلهو فقير پوليس چوڪي اڳيان ڊڪي ڊمپر تي ليڪچرر واپسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

رمضان مهيني ۾ به سوئي گئس ڪاتي لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي: محمد جاويد ميمڻ

مقدس مهيني ۾ به سوئي گئس ڪاتي لوڊشيڊنگ ڪري شهرين کي اذيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو

شاگردن، گهرن ۾ موجود بزرگن، ٻارن جي لاءِ رڌ پچاءُ ۾ عورتن کي ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن

انتظاميه صارفين کي گئس جي فراهمي کي يقيني بڻائي نه ته ٻئي صورت ۾ پرپور احتجاج ڪيو ويندو

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ڊيولپمنٽ اٿارٽي جي چيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ چيو آهي ته رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني ۾ به سوئي گئس ڪاتي لوڊشيڊنگ ڪري شهرين کي اذيت ۾ مبتلا ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

رورل هيلٿ سينٽر جهڏو تي ڳوٺ هاري عورتن بابت پروگرام ۾ ڪر ڪنڊڙ اسٽاف سان بدتميزي

شرپسند عناصر عورتن کان پئسا وٺي نشونما اسٽاف کي ڪوڙيون رجسٽريشن ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿا

نتائج يوڪڻ ۽ نشونما پروگرام کي بدنام ڪرڻ جي لاءِ اخبارن ۾ ڪوڙيون خبرون چپرائڻ جون ڏمڪيون ڏين ٿا

ڪسان جي نشونما جي پئسن مان ڪنهن قسم جي ڪٽوتي نه ڪئي وڃي ٿي، ڪوڙا بيان ڏياريا ويا آهن: عورتون

جهڏو (رپورٽر) رورل هيلٿ سينٽر جهڏو تي ڳوٺ هاري عورتن ۽ ڪمزور ٻارن جي صحت لاءِ گورنمنٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

جهڏو: صحت مرڪز ۾ وڌي تعداد ۾ عورتون بينل آهن

- هوپ ۽ ماوا فائونڈيشن
- طرفان ٽرپارڪر جي مختلف
- ڳوٺن ۾ راشن بيگ تقسيم

ٺٽو ڪوٽ (رپورٽر) هوپ ۽ ماوا فائونڈيشن طرفان ٽرپارڪر جي مختلف ڳوٺن ۾ رمضان شريف جي پهرين مهيني ۾ غريب مستحق خاندانن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

لاڙڪاڻي مان ساهرن جي ستايل ناري ڪراچي پهچي ويئي، در در تي ڏڪا ڪائڻ تي مجبور

مڙس ماري ٿو پائر واپس ٿا موڪلڻ چاهين پر مونکي ساهرن مان خطرو آهي طلاق چاهيان ٿي: ناري

انساني حقن جون تنظيمون، عورتن جون اين جي اوز، انسان دوست منهنجي مدد ڪري تحفظ فراهم ڪن

آئون طلاق چاهيان ٿي منهنجي جان کي خطرو آهي منهنجي مدد ڪري مونکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ملير (رپورٽ فاروق پنگوار) ساهرن جي ستايل ناري لاڙڪاڻي مان ڪراچي پهچي ويئي. پائرن به رهائڻ کان انڪار ڪري چڏيو. ناري معصوم مڙس سميت در در تي ڏڪا ڪائڻ تي مجبور. مڙس ماري ٿو پائر واپس ٿا موڪلڻ چاهين پر مونکي ساهرن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

بدين ۾ شهيد هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ جسقم اڳواڻن پاران احتجاج

بدين (رپورٽر: مرتضي ميمڻ) ۾ شهيد هدايت لوهار جي قاتلن کي ۽ استاد شهيد هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ جسقم اڳواڻن لياقت انصاري، تنوير ڪاتيار، محفوظ گاڏيوان، باغي ذوالفقار، ساگر خاصخيلي ۽ ٻين طرفان نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو جنهن دوران هنن اڳواڻن بڌايو ته شهيد هدايت لوهار جي نياڻين سورت ۽ سسئي لاڳاڪاڻو ۾ احتجاج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر ۾ گيس جي بدترين لوڊشيڊنگ شهري کاڻ ۽ ڪوئلي تي کاڏو تيار ڪرڻ تي مجبور

شهرين ۽ پرپاسي کاڻ جي گهرج ۾ واڌ، کاڻيون ۽ ڪوئلا ڪرو ڪنڊڙ دوکاندارن اگهه وڌائي ڇڏيا

گيس جي اڻ اعلانيل بندش سبب کاڻ ۽ ڪوئلي جو استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن: ساڃاهه وند

ڪوئلي تي کاڏو تيار ڪرڻ تي مجبور. کاڻ جي گهرج ۽ واڌ، کاڻيون ۽ ڪوئلا ڪرو ڪنڊڙ دوکاندارن اگهه وڌائي ڇڏيا سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ گيس جي بدترين لوڊشيڊنگ، جلها بند، ماڻهو کاڻ ۽ سوئي سدرن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٽنڊو ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين جي خاص هدايتن تي مچ مار مهر شروع

عملي پاران ٽنڊي شهرين کي مچن جي آزار مان نجات ڏيارڻ لاءِ مچ مار مهر شروع

هر وارد ۽ شهر سان لڳندڙ علاقن ۾ مچ مار اسپري شروع ڪرائي ڇڏيو آهي: چيئرمين

ٽنڊو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ميونسپل ڪميٽي ٽنڊو جي چيئرمين ادا محمد ميمن جي هدايت ۽ مسلسل ڪوشش ڪانهن ٽنڊو ريفڪ چوڪي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ايس ايس پي ميرروحل خان ڪوسو ايس ايس پي گهوٽڪي جي چارج ورڻي ڏني

ميرخان ڪوسو جي ايس ايس پي آفيس گهوٽڪي پهچڻ تي پوليس ڪيس سلامي ڏني

اي ايس پي/ايس ڊي پي او ميرپور ماٽيلو حامد امتياز، ڊي ايس پي هيڊ ڪوارٽر استقبال ڪيو

ميرپور ماٽيلو (رپورٽر ظهير وسير) ميرپور ماٽيلو: ايس ايس پي ميرروحل خان ڪوسو ايس ايس پي ضلعي گهوٽڪي جي چارج ورڻي اچ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ميرپور ماٽيلو ۾ پائرن جو ملڪيت جي تڪرار تان جهيڙو، گوليون لڳڻ سبب 2 پائر زخمي

ياروٽنڊ پوليس ٽاڻي جي حد ڳوٺ ريحان ٽنڊ ۾ سڳن پائرن ۾ ملڪيت جي تڪرار تان جهيڙو ٿيو

جهيڙي دوران نندي پاڻ آصف ٽنڊ پاران ورڻ پائرن حارف ٽنڊ ۽ حنيف ٽنڊ متان گوليون هلايون ويون

ميرپور ماٽيلو (رپورٽر ظهير وسير) ميرپور ماٽيلو ۾ پائرن جو ملڪيت جي تڪرار تان جهيڙو گوليون لڳڻ سبب به پائر زخمي، زخمي ڊي ايڇ ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ميرپور ماٽيلو: ڳوٺ ريحان ٽنڊ ۾ جهيڙي ۾ زخمي ٿيل اسپتال ۾ داخل آهي

سکرنڊ صابو راهو مجيد ڪيريو ۾ گيس جي بدترين لوڊشيڊنگ، چلها بند

انتظاميا جي مجرماڻ لاپرواهي سبب اترسنڊ ۾ بدترين لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري

شهرين بندش جو نوٽيس وٺندي گئس صارفين کي آزار کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو

سکرنڊ (رپورٽ راج ڪمار اوڏ) سکرنڊ صابو راهو مجيد ڪيريو ڪهر ۾ گيس جي بدترين لوڊشيڊنگ، چلها بند، ماڻهو کاڻ ۽ ڪوئلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪيپٽن (ر) صدام حسين ايس ايس پي نوشهروفيروز جي چارج سنبالي ڏرتي

ضلعي جي سمورن آفيسرن ۽ سب ڊويزنل پوليس آفيسرن کي سخت حڪر جاري

ايس ايڇ اوز ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر ڏوهن جي روڪٿام لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪن: ايس ايس پي

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) ڪيپٽن (ر) صدام حسين ايس ايس پي نوشهروفيروز جي چارج سنبالي ورتي ۽ ضلعي پوليس چيف طور پنهنجو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سنڌي ادبي سنگت جي اليڪشن ۾ ايم ظفر تڳر جي ڪامياب ٽيڙ تي مبارڪون جاري

ستين ڏينهن به شهر جي اديب دوست ۽ صحافين پاران مبارڪ باد جو سلسلو جاري رهيو

سبحان سوز جتوئي، محبتي ملاح، شريف سومرو، اقبال ڳاڌهي ۽ ٻين پاران مبارڪون ڏنيون ويون

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) سنڌي ادبي سنگت جي اليڪشن ۾ ايم ظفر تڳر ڪي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٽيڙ تي اڇ ستين ڏينهن به اديب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو ۾ مقامي پوروهيت خان محمد پنهور پاران گم ٽيل پٽ جي ڳولا لاءِ احتجاجي مظاهرو

خان محمد پنهور دادو پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال ڪندي انصاف جي گهر ڪئي

منهنجو پٽ 2010 جي مها پرڻ جي لڏ پلاڻ دوران گم ٿيل ويو هو جنهن جو پتو ناهي پيو: خان محمد پنهور

دادو (رپورٽر: عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ مقامي پوروهيت خان محمد پنهور دادو پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال ڪندي چيو ته منهنجو پٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکر هائوس پ پ اڳواڻ سيد زاهد شاهه بخاري پاران مستحق عورتن جا مسئلا معلوم ڪيا

مبارڪ مهيني دوران غريب عوام کي پنج هزار روپيا ڊيٿ وارو عمل سنو قدم آهي: زاهد شاهه بخاري

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ملڪ جا لکين خاندان مستفيد ٿي رهيا آهن، عوام سان گڏ آهيون

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر هائوس پ پ اڳواڻ سيد زاهد شاهه بخاري پ پ آفيسس ليبر ڪالوني سکر ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر: پ پ اڳواڻ سيد زاهد شاهه بخاري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سکرنڊ جي مقامي پوليس عملدار پاران دڪاندار تي تشدد ڪرڻ واري ويڊيو وائرل

پوليس عملدار غلام نبي اڻڙ ۽ سرور اڻڙ هر مهيني ڏڪا ڏيڻ ۽ ڏمڪائي رشوت وٺن ٿا: دڪاندار

غلام نبي اڻڙ دڪان تي اچي مون کي مارڪٽ ڪئي ۽ سامان کي لٽيون هڻي نقصان پهچايو آهي: ڳالهيون

سکرنڊ (رپورٽر: راج ڪمار اوڏ) سکرنڊ جي مقامي پوليس عملدار غلام نبي اڻڙ ۽ ساٿي سميت ٻه ماڻهو ڪاٺ جي مالڪ امر لال ڪريانا شاپ جي مالڪ امر لال کي مارڪٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دادو جي سماجي شخصيت دوست علي جيسر سينيٽ جو ميمبر ٽيڙ لاءِ فائنل ڪيو ويو

دوست علي جيسر کي پ پ پ جي قيادت سينيٽ جو ميمبر ٽيڙ لاءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو

غوث علي جهتيال سميت پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ ميمبرن ٽڪيٽ ملڻ تي خوشي جو اظهار ڪيو

دادو (رپورٽر: عزيزالله خاصخيلي) دادو پريس ڪلب جو 2 پيرا صدر جي عهدي تي رهندڙ سينيئر صحافي ۽ دادو ضلعي جي نامور سياسي ۽ سماجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سنڌ ۾ رشوت خوري ۽ پنهنجا نوازي وارين پاليسين سبب سينيارٽي جي لٽاڙ جاري

طاهر حسين جلباڻي جونيئر ڪلارڪ جنوري 2022ع ۾ قومي اسيمبلي کان بدلي ٿيو

سينيئر ملازمن کي بائي پاس ڪري ٽن مهينن اندر مئي 2022 ۾ ترقي ڏئي اسسٽنٽ ڪيو ويو

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ رشوت خوري ۽ پنهنجا نوازي وارين پاليسين سبب سينيارٽي جي لٽاڙ جاري ٽيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر:
اعجاز مهر

سومر 18 مارچ 2024ع

ڏوهاري تولاءِ سياسي حمايت واري 'لائف لائين'!

سنڌ ۾ ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ قبيلائي پوتارڪي 'آڪٽوپس' سڃي سماج کي سوگهو ڪري رکيو آهي. رياستي قانون به انهن وٽ يرغمال بڻيل آهي، جيڪا ڳالهه سنڌ جا انتظامي اڪابر سمجهن به ٿا پر ان جي باوجود به رڳو عوام کي پنيلائٽ لاءِ امن امان جي بحالي جي نالي تي اهڙا قدم کنيا پيا وڃن، جيڪي اڄائي مهر ٻوڙي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهن. اهڙو ئي هڪ فيصلو سنڌ جي 6 ضلعن جي ايس ايس پيز جي بدلين وارو آهي، جنهن سان ڏوهارين ۽ انهن جي سرپرستي ڪندڙن جي صحت تي ڪوبه اثر ناهي پوڻو. اهو فيصلو "ڪنڊو لڳو پير ۾، ڪوتجي پيو گوڏو" واري مثل ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. سنڌ ۾ انتظامي طرح جيڪا تباهي آئي آهي، ان جو تدارڪ "ريپيئر" سان نه پر "اوورهالنگ" سان ئي ممڪن آهي، چو ته بهراڙين ۽ ڪچي ۾ پوليس پوتارڪي ايجنڈا تي عمل ڪندي اڄ سڌيءَ ريت پنهنجو حصو به وصول ڪري ٿي. جڏهن ته شهرن ۾، خاص طور تي ڪراچي ۾ وري پوليس سڌيءَ ريت ڏوهن ۾ ملوث رهي آهي. ڪراچيءَ جي واپاريءَ جي گهر مان چئن ڪروڙن جي ڏاڙي ۾ ڊي ايس پي (زير تربيت) عمير طارق باجاري جي ملوث هجڻ ۽ ان جي گرفتاري ڪانپوءِ وري پوليس جي هڪ وڏي واردات سامهون آئي آهي. سهراب گوٺ مان پوليس اهلڪارن هڪ واپاريءَ کي ڪنهي هڪ ڪروڙ، 18 لک روپيا ڦر ڪيا. واردات ۾ ايس ايڇ او ۽ رائو رفيق سميت چئن اهلڪارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

سنڌ بدامنيءَ جي پوءِ، بٽيل آهي ۽ انتظاميا امن امان جي بحاليءَ لاءِ حقيقي قدم ان ڪري به نه پئي ڪٽي. جوان جي پيرن ۾ سياسي مصلحتن جا ڏانوڻ پيل آهن. جيڪي سياسي ۽ جرڳائي پوتار ضلعن جا 'ظلِ سبحاني' بٽيل آهن/ٻڌايا ويا آهن، پوليس ڪماني به انهن جي فرمائشن تي مقرر ڪيا وڃن ٿا. وري جڏهن ڏوهه وڌن ٿا، انتظاميا تي ڏٻاءُ وڌي وڃي ٿو ته اها انتظامي شطرنج جي بساط تي مهرا اڇڻي پوئتي ڪري ٿي ڇڏي. پوليس ڪمانين جي جاءِ بدلائي وڃي ٿي. 'ضلعا_ مٽ' ٿئي ٿي ۽ اهي پوتارڪي پاڇاريءَ ۾ جوڙجي وڃن ٿا. عوام خوش ته هاڻي امن ٿي ويندو. اها انتظامي مشق گهٽو ڪري هر پيري ٿيندي آهي پر اها جيڪڏهن لاڳائتي هجي ها ته سنڌ جو امن امان ڪڏهوڪو بهتر ٿي وڃي ها. انتظاميا خود پوليس کي ڪرپشن جو گس ڊيڪارڊ لاءِ ذميوار آهي، جنهن ڪري ڪٿي پوليس ڪاتو ڪارين رڙن جو ڏڻ نه به هجي پر اتي اڪثريت ڪارين رڙن جي ضرور آهي. سنڌ انتظاميا واقعي به امن امان جي بحاليءَ جي حوالي سان سنجيده آهي ته ان کي پوليس مان سياسي مداخلت ختم ڪرڻي پوندي ۽ پوليس انتظاميا کي فري هينڈ ڏيڻو پوندو. باقي ايس ايس پي بدلي ڪرڻ يا آءِ جي پوليس وفاق کان پنهنجي مرضيءَ موجب ولڻ بي لاڀ قدم آهن. اهي قدم اڳ ۾ به آزمايل آهن. اسان سمجهون ٿا ته جيستائين پوليس کي آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ نه ڏنو ويندو ۽ سياسي مداخلت ٿيندي رهندي، تيستائين سنڌ جي امن امان جي صورتحال ۾ بهتريءَ واري امڪان پيدا ٿي نه سگهندا. اسان کي اهو جوڙ ڏيو ته ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ "اشرافيه" جي رسائي ۽ پهچ اختيار ۽ اقتدار جي اعليٰ ايوانن تائين آهي، جنهنڪري ڏوهارين خلاف ڪارروائي مصلحتن ۽ مجبورين جو شڪار ٿيندي رهي آهي. پڙهندڙن کي ياد هوندو ته. ارباب رحيم جي حڪومت ۾ صلاحڪار سردار غلام سرور سرڪي ان وقت جي ۽ اڳوڻن لڳ ڀڳ 70 اسيمبلي ميمبرن، سردارن، ۽ اثر حڪومتي شخصيتن جي هڪ لسٽ جوڙي هٿي ۽ چاٽايو هو ته اهي ڏوهن جي سرپرستي ڪن ٿا. ان بعد ارباب حڪومت تي ايترو ڏٻاءُ پيو هو جو ان لسٽ کان ئي لاتعلقي ظاهر ڪئي وئي. جيئن نموني جي مٽ مان خرار جي پرڪ ڪٽي ويندي آهي، تيئن ان وقت جي ان لسٽ مان اهو سمجهڻ مشڪل نه هو ته ڏوهن جي سرپرستي ڪڻان ٿئي ٿي ۽ انهن ۾ ڪهڙائتي ڇو نٿي اچي؟ هاڻي ڪٿي صورتحال اهڙي نه به هجي پر ڏوهن ۾ ڪهڙائتي نه اچڻ سان سوال تہ ضرور اٿن ٿا.

سنڌ جي اڌ درجن کان وڌيڪ ضلعن جو ڪچو، ايئن محسوس ٿيندو آهي ته سنڌ سرڪار جي انتظام ۽ اختيار کان ئي ٻاهر هجي. سنڌ جو امن امان صرف ان ئي صورت ۾ بهتر ٿي سگهي ٿو، جڏهن ڏوهارين کي سياسي حمايت حاصل نه هجي ۽ قانون جي عملداري لاڳو ڪئي وڃي. ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ "اشرافيه" ۽ ان جي "مجرم سپاهه" (ڏاڙيلن) کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي ۽ انهن جي سياسي حمايت واري لائف لائين ڪاٽي وڃي.

'ٽڪ ٽاڪ' جنگ: آمريڪا ۽ چين جو نئون محاذ

جاويد پٽي

ڪوبه وار جي هڪ عام معنا اها به ورتي ويندي آهي ته اها جنگ جيڪا هن يا هن کان وڌيڪ ايٽمي طاقتن وچ ۾ وڙهي وڃي پر ان ۾ ڪوبه ايٽمي هٿيار استعمال نه ٿئي ۽ ان جنگ ۾ سڀ کان وڏو هٿيار "پروپيگنڈا وار" ئي هوندو آهي. دنيا جي هن وڏين عالمي جنگين ۾ ان جوان وقت جي حساب سان هر ملڪ استعمال ڪيو. جيڪو اڄا سوڏو جاري آهي پر اڄ جي جديد دور ۾ اها جنگ هاڻ نئين ميديائي ٽيڪنالاجي جي پليٽ فارم تان وڙهڻ جو رواج وڌي ويو آهي. ڪيترن ڏهاڪن کان جاري ان سياسي جنگ جو اهو ايٽم بم جيڪو 2017ع ۾ ايپرٽ بعد وڌي مقبوليت سان ڦاٽي پيو هو، ان 2018 ۾ ڊائون لوڊ ۾ ٽيزي سان فيس بڪ، انسٽاگرام، اسنيپ چيٽ ۽ يوٽيوب کي به صديون پويان ڇڏي ويو آهي. ڪيترن ڏهاڪن کان هائوس آف وائيٽ هائوس جي ترجمان جي پريس بريفنگ ۾ ايندڙ صدارتي چونڊن جي ڳڻتي ڪندي ڪوشش ڪئي وئي ته ڪيئن ٽرمپ جي سوشل ميڊيا تائين رسائي کي بند ڪيو وڃي. پر ان وقت ٽرمپ جي ٽوئيٽ اڪائونٽ کي ٽوئيٽر جي سي اي او جيڪ ڊورسي پاڻ بحال ڪيو هو. ان کان پوءِ ٽرمپ جي ٽروٿ سوشل ايپ به ڪافي وقت تائين ٽرمپ جي حمايتين جي وچ ۾ ئي مقبول رهي. ٽرمپ جي ٽوئيٽ اڪائونٽ جي بحالي کان پوءِ ٽوئيٽر جي سي اي او جيڪ ڊورسي پاڻ ڪمپني جي بورڊ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ٻيهر ووٽ ڏنا ويا. ان کان پوءِ ٽوئيٽر جي نئين سي اي او ليڊا يڪارينو-روهاڊ جي اڳواڻي ۾ ٽوئيٽر جي بورڊ ۾ ٽرمپ جي ٻيهر واپسي ٿي. ان کان پوءِ ٽرمپ جي ٽروٿ سوشل ايپ ۽ ٽوئيٽر جي ڪاروباري مقابلي ۾ ڪافي حد تائين ٽرمپ جي ٽروٿ سوشل ايپ جو پلڙو ڀاري ٿي ويو آهي. ٽرمپ جي ٽروٿ سوشل ايپ جي ڪاميابي جو هڪ وڏو سبب ٽرمپ جي ٽوئيٽ اڪائونٽ جي بحالي ۽ ٽوئيٽر جي ڪاروباري مقابلي ۾ ڪمزور ٿيڻ به آهي. ٽرمپ جي ٽوئيٽ اڪائونٽ جي بحالي کان پوءِ ٽوئيٽر جي سي اي او جيڪ ڊورسي پاڻ ڪمپني جي بورڊ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ٻيهر ووٽ ڏنا ويا آهن. ٽرمپ جي ٽروٿ سوشل ايپ ۽ ٽوئيٽر جي ڪاروباري مقابلي ۾ ٽرمپ جي ٽروٿ سوشل ايپ جو پلڙو ڀاري ٿي ويو آهي. ٽرمپ جي ٽروٿ سوشل ايپ جي ڪاميابي جو هڪ وڏو سبب ٽرمپ جي ٽوئيٽ اڪائونٽ جي بحالي کان پوءِ ٽوئيٽر جي سي اي او جيڪ ڊورسي پاڻ ڪمپني جي بورڊ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ٻيهر ووٽ ڏنا ويا آهن

بقايا سنڌيار 01

پٽڻ کان ٽپي جهرڪن تائين پهچي ويو سمنڊ سجاول ۾ ننڍي ضلعي جون وڏيڪ 30 ڏيهون ڇڙڪائي ويو. رپورٽ موجب سنڌ جي قديم تهذيبن کي جنم ڏيندڙ انڊس ديلتا ۾ ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم کان هيٺ سنڌو درياه جو ڪوهريل ڀاڻي ته وڃڻ سبب سمنڊ جي کاري پاڻي جي ايتري اثل سجاول، ٺٽو ضلعن ۾ وڏي تباهي برپا ڪري چڪي آهي. سنڌو درياه جي مٺي پاڻي جو انڊس ديلتا سان فطري ميلاپ نه ٽيهڻ سبب سمنڊ جي ايتري اثل سبب کاري پاڻي هاڻي ٻوڙ درياه خان پل کان ٽينڊو ڏوڙلڳ ڪوٽ عالمون، ٻنون پٽڻ ۽ هائي جهرڪن تائين پهچي ويو آهي، رپورٽ موجب سامونڊي تباهڪاريون جي نتيجي ۾ سمنڊ ۾ ننڍي ضلعي سجاول ۽ ٺٽي ضلعن جي ايتري هاڻي 30 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي ايجگر" سمنڊ جي نشاني تي اچي ويا آهن. جڏهن ته انهن ديهن ۾ هڪ برباديءَ جا منظر نظر اچڻ لڳا آهن. هر طرف بربادي ۽ ويرانيءَ جو ڪوٽ عالمون، ٻنون پٽڻ ۽ هائي جهرڪن تائين پهچي ويو آهي، سنڌو درياه جي مٺي پاڻي جو انڊس ديلتا سان فطري ميلاپ نه ٽيهڻ سبب سمنڊ جي ايتري اثل سبب کاري پاڻي هاڻي ٻوڙ درياه خان پل کان ٽينڊو ڏوڙلڳ ڪوٽ عالمون، ٻنون پٽڻ ۽ هائي جهرڪن تائين پهچي ويو آهي، رپورٽ موجب سامونڊي تباهڪاريون جي نتيجي ۾ سمنڊ ۾ ننڍي ضلعي سجاول ۽ ٺٽي ضلعن جي ايتري هاڻي 30 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي ايجگر" سمنڊ جي نشاني تي اچي ويا آهن. جڏهن ته انهن ديهن ۾ هڪ برباديءَ جا منظر نظر اچڻ لڳا آهن هر طرف سج واکا ڪرڻ لڳي آهي.